سنت مالا

٥٩١-٥٩٢

جولاء ١٩٦٤

ساڪي

واسواڻي

٥٠ نوان پئسا

وشيه سوچي

پرستاونا ١

١- سنت مهند جي سکيا ٣

٢- نوَ جيون جا نيم ٦

٣- اشوڪ جو آواز ٩

۴- تصويرون ١١

۵- اَمي نماڻي ١۴

٦- ٣ رتن ٢٠

٧- شيوڪ جي سکيا ٢۵

٨- نهنو، ساد و پرنسپال ٢٨

٩- جيو ديا جي جوت ٣٣

١٠- رومي ٣٦

١١- وڻ جي سکيا ۴٣

سمرپن

سنت مهند

جي ڪمل چرڻن ۾!

واسواڻي

پرستاوَنا

٢٥ سال ٿي ويا جڏهن مان لنڪا ويس. اُتي مان نيوريلا پهاڙن تي ڪجهه وقت رهيس. اُتي قادر جي قدرت عجيب هئي. - عجيب نظارو، عجيب اِسرار! اشوڪ بن جتي سيتا دل ۾ پوتر پيار ۽ اونهي اُڪير ٻائي پنهنجي رام کي ياد ڪيو! ۽ سج، جو ورلي اڀري ٿو جڏهن اڀري، تڏهن ڪيئن نه چمڪي! ۽ آسمان، جنهن ۾ پيا چمڪن نيوريلا جا نرمل تارا! ۽ پکي ۽ پسون! ۽ هن زمين جي ڳاڙهي مٽي ۽ چمڪندڙ سونهن وارا پٿر! ۽ ڪڪر هن لنڪا ملڪ جا، جتي اچي پنهنجا ڪمل چرڻ گهمايا سيتا ۽ رام ۽ مهندر، اشوڪ راجا جو پٽ، جو ٿيو ڀڪشو، فقير، شري گوتم ٻڌ جي پيغام پکيڙڻ واسطي.

شري گوتم ٻڌ پريوءِ بابت بحث ڪين ڪيو، پر پريوءِ جي پيار جي جيون رهيو. دنيا جي ڌن کان منهن موڙي سچ ۽ تياڳ جو ڌن ورتائين. غريبن ۽ اَڻ پڙهيلن سان مليو: مورکن ۽ دکين کي آسيس ڏنائين ۽ سندس ڪمل مکڙو ٿي پيو هڪ گيت، گيتا! جڏهن مون عجيب سون وانگر چمڪندڙ لنڪا ڇڏي پنهنجي پياري وطن واسطي، جنهن تي فقيرن ۽ بيابان جي درويشن جي آسيس هئي، تڏهن گوتم ٻڌ جي اڳيان سر جهڪايم ۽ پراچين منتر وري وري اُچاريم:- "ٻڌم شرڻم گڇامي!" "ٻڌ جي شرڻ مون ورتي آهه."

ساکي

[١]

سنت مهندَ جي سکيا

لنڪا [سيلون] جي قدرت عجيب آهي: سڄي ملڪ ۾ اٽڪل پنجاهه لک ماڻهو آهن؛ ٻيو نظارو ڪهڙو نه سندر! پهاڙن جي سونهن عجيب؛ ۽ وڻڪار ڪهڙي نه وڻندڙ! ۽ هن ملڪ جي تاريخ صدين ڏي نهاري ٿي. لنڪا ۾ هڪ شهر آهي، اُنجو نالو اَنرادپور. اٽڪل ٢٥ صديون اڳي اهو شهر ٺهيو. هن وقت ڦٽي ويو آهي، پر انهيءَ وقت اُن شهر جو شان انگلستان جي لنڊن کان گهٽ ڪين هو. هينئر اُتي وڏا جهنگل آهن؛ پر اُن وقت لنڪا جي راجا جو محلات اُت هو. ڪيڏو نه وڏو ۽ سندر محلات. ٩ ماڙيون! لنڊن ۾ ڪا ٻه جڳهه ستن ماڙين کان مٿي نه آهي. لنڊن شهر ۾ سڀ کان سندر ۽ اوچي ديول آهي سينٽ پال جي ديول [St. Paul,s]؛ پر لنڪا جي شهر ۾ جو مندر هو سو لنڊن جي سينٽ پال جي ديول کان ٻه سؤ فوٽ مٿي! انهيءَ شهر جي رڳو ڳٽي سوهن مٿان ۾ هئي!

انهيءَ شهر ۾ سڀ کان سندر نظارو آهي گوتم ٻڌ جا پتلا. ڪيترائي پتلا. هڪ هڪ کي پنهنجي سونهن! انهيءَ

هن ننڍڙي پستڪ ۾ گوتم ٻڌ ۽ ڪن ٻين ٻه ٽين جي پيارن جي "ساکي" ڏنل آهه. اِنهن سڀني مهاپرشن "پريم" ۽ "شيوا" جي ساکي ڏني. اِنهن ٻن ساڌن جي افسوس! هن وقت ڪيڏي نه ضرورت آهي! هن وقت سنڌي ويچارا هند جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهن. هن وقت ايڪتا جي ضرورت آهي. ۽ ايڪتا جون نشانيون ٻه آهن:- (١) پريم، ۽ (٢) شيوا! شل اهو سڀيهو گهڻن پانڪن جي دلين اندر گهڙي وڃي ته اسانجي سنڌي قوم وري نئين ٿئي، ٻلوان ٿئي ۽ پريم ۽ شيوا جي جوت ۾ چمڪي چمڪي، چمڪندي رهي!

واسواڻي

پونا - ١،

١٠-٦-٦٤

سنت مهند جو اثر عجيب هو. اُن وقت لنڪا جو شان ڪيڏو نه هو! هن وقت سيلان کي چانور هندستان مان اچن ٿا. پر اُن وقت سيلان ايترا ته چانور پيدا ڪندو هو جو نه فقط سيلان جا ماڻهو کائيندا هئا پر ٻين ملڪن ۾ سيلان جا چانور ويندا هئا. هن وقت ڪولمبو ۾ جدا جدا هنڌن کان واپاري اچن ٿا. پر اُن وقت سيلان ۾ سڄي سڌريل دنيا جي جدا جدا ڀاڱن مان واپاري ايندا ٿي، ريشم ۽ غاليچن ۽ چندن جي واپار واسطي ۽ ٻيا ڪيترا ئي آيا موتين ۽ جواهرن جي واپار واسطي. سيلان اُن وقت پنهنجا ايلچي روم (Rome) تائين ڏوراهن ملڪن ۾ ٿي موڪليا. اُن وقت سنت مهند جي سکيا لنڪا کي گوتم ٻڌ جي ڪمل چرنن ۾ قابو ڪيو. لنڪا ۾ اسپتالون ۽ دواخانا کليا ويا ۽ غريبن لاءِ خيرات جا گهر نڪتا.

سنت مهند جي سکيا جو زور هن هڪ ڳالهه تي هو ته "ڌرم آهه شيوا." هن وقت ڀارت ۾ ڌرم جي نالي ۾ ڪيڏا نه تڪرار آهن! هن وقت اُنهيءَ سندر پيغام جي ضرورت آهه ته "ڌرم آهه شيوا." ۽ پرڀوءَ جي سچي پوڄا سوئي ڪري ٿو جو دکين جي دک دور ڪرڻ لاءِ يتن ڪري ٿو ۽ پنهنجي طاقت آهر غريبن جي خدمت ڪري ٿو.

هڪ ٻوٽيءَ جي پياري، گوتم ٻڌ، سڄي لنڪا کي نئين جيون ڏني.

اٽڪل ۲۲ سؤ سال اڳي هندستان مان هڪ عجيب انسان آيو. اُنجو نالو مهند: راجڪمار هو؛ ٻر هن پياري پنهنجي جيون لوڪن جي سيوا ۾ ارپڻ ڪئي. راجمحل ڇڏي، وطن پنهنجو ڇڏي، سيلون ۾ پڌاريو- ڇو؟ گوتم ٻڌ جو پيغام پکيڙڻ آيو. مهند جي جيون نرمل، پوتر هئي ۽ ڪيس وڏي وديا هئي. سندس دل ۾ گوتم ٻڌ لاءِ ڪيڏو نه پيار هو! لنڪا جي راجا تي سندس اثر جادوءَ وانگر ٿيو. راجا جو نالو تِيسا- تيسا ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو ۽ پنهنجي جيون گوتم ٻڌ جي پيغام پکيڙڻ ۾ خرچ ڪئي. مندر ۽ مَٺ ٺهرايائين.

جنهن وڻ هيٺ ٻڌ گيا ۾ گوتم ٻڌ کي گيان جو درشن مليو اُنهيءَ وڻ مان، ٻوڌي وڻ مان هڪ شاخ لنڪا ۾ گهرايائين ۽ اَنراڌپور ۾ پوکيائين. اِها شاخ هيئنر وڏو وڻ ٿي آهي ۽ اهو وڻ ۲۲ صدين کانپوءِ اڄان به پيو وڌو ٿئي. شايد سڄي دنيا ۾ اهو سڀن ۾ قديم ۽ وڏو وڻ آهي. ڪيترا نه تيرٿواسي اچي انهيءَ وڻ جو درشن ڪن ٿا ۽ آسيس وٺن ٿا. راجڪمار مهند اچي ڪيترن کي نه ڌرم مارگ ۾ آندو! هن وقت مهند کي سمت مهند ڪري ٿا پوڄين ۽ سندس پوتر ڏينهن ڪيڏي نه اُتساه سان ملهائين ٿا!

سوال پڇيو ته "ڏک جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ ۽ ڏک جي دوا ڪهڙي آهي؟" انهن سوالن جي جواب وٺڻ لاءِ پنهنجا محلات ڇڏي، تلاش ۾ نڪري ٿو. سالن جي تلاش ۽ تپسيا کانپوءِ گوتم وڃي ٿو: ڪٿي؟ نه پنهنجي پتا جي محلات ڏي، پر لوڪن ڏي وڃي ٿو، کين سجاڳ ڪرڻ واسطي! گوتم هينئر ٻڌ ٿيو آهي. گوتم کي وڻ هيٺ گيان مليو آهي. گوتم کان پڇن ٿا ته "اوهين ڪير آهيو؟" گوتم چوي ٿو ته "مان حڪيم آهيان، ملڪن کي ڇڏائڻ آيو آهيان!"

ماڻهن کي چوي ٿو:- "اوهان جنم جنم ۾ ڳوڙها ڳاڙيا آهن،- ڪيترا نه ڳوڙها! ڳوڙهن جا سمنڊ!" ڳوڙها ڪيئن سڪايون؟" ماڻهو پڇن ٿا ۽ گوتم ٻڌ چوي ٿو:-

"(۱) عيش عشرت کان پري رهو!

(۲) اندرين تي ضابطو رکو! جو پاڻ کي جيتي ٿو، سو اُن جوڌي کان مٿي آهي جو ملڪن کي جيتي ٿو!

(۳) عيش ڀوڳ ۾ ڏک آهي. جيئن طوفان پڪيءَ جي فصل کي چٽ ڪري، تيئن عيش، ڏڪار ۽ ڪام جا طوفان انسان جي حياتي برباد ٿا ڪن!

(۴) جبلن وانگر جن تي برف آهي پيا چمڪن سي جي پورا آهن!

[٢]

نوَ جيون جا نيم

گوتم ٻڌ جي جيون ۾ ڦيرو ڪيئن آيو؟ جنهن وقت راجڪمار هو، تنهن وقت سندس وقت ڪيڏي نه آرام ۾ گذريو! اُنجو ذڪر گوتم پاڻ هڪ دفعي ست سنگين اڳيان هن طرح ڪيو:-

”منهنجي پِتا جي محلات ۾ ڪمل گلن جون ٽي نديون هيون، هڪ ۾ نيلا ڪمل، ٻيءَ ۾ ڳاڙها ڪمل، ٽئين ۾ اَڇا ڪمل. اهي سڀ منهنجي پِتا مون لاءِ پوکايا. اُن وقت مان ڇا پهريندو هوس؟ ڪاشيءَ جو ريشم! ۽ ڏينهن رات نوڪر منهنجي مٿان ڇٽي جهلي بيهندا ها ته متان مونکي ٿڌ يا گرمي لڳي وڃي يا مٽي يا ماڪ ڪري پوي. مونکي ٣ محل هئا، هڪ سياري لاءِ، هڪ اونهاري لاءِ، ۽ هڪ مينهن جي مند لاءِ. مينهن جا ٤ مهنا مان هڪ محلات ۾ رهندو هوس. اُت چوڪريون راڳيندڙ مونکي وندرائڻ لاءِ اچي ڳائينديون هيون. نوڪرن ۽ ٻانهن ۽ ڪمين کي مان چانور ۽ گوشت کائڻ لاءِ ڏيندو هوس. اُن وقت مان سريو ۾ ڪهڙو نه نفيس هوس!“

اُنهيءَ نفيس نوجوان، گوتم جي دل اندر هڪ مورت گهڙي وڃي ٿي ته ”دنيا دک ۾ آهه!“ ۽ گوتم پاڻ کان

[٣]
اشوڪ جو آواز

گوتم ٻڌ جو هڪ پرسڌ شش هو راجا اشوڪ. هن وقت هڪ وڏو ودوان آهي، جنهن جو نالو مسٽر ويلس [Wells]. هو چوي ٿو ته ”دنيا جي سڀني وڏن ڇهن ماڻهن مان هڪڙو هو اشوڪ“. اشوڪ سان گڏ هو ايشا، ٻڪن، لنڪن ۽ ائرسٽاٽل جا نالا ڳڻهي ٿو.

اشوڪ گوتم ٻڌ جو شش هو. سندس جيون ۾ ڪئين نه ڦيرو اچي ٿو! پهرين ته جنگي جوڌو هو. مشهور راجا چندرگپت جو پوٽو هو. مگڌ جي تخت تي ويهي ٿو: مشهور ٿئي ٿو. پنهنجو راڄ ڏاڍو وڌائي ٿو. هن وقت انگريزن جي سلطنت وڏي آهي، تنهن کان به وڏي بادشاهي هئي راجا اشوڪ جي. هڪ ڏينهن پروڙي ٿو ته دنيا جون سوڀون سڀ اجايون!

گوتم ٻڌ جي سکيا جو ويچار ڪري ٿو. ٻڌ جو شش ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو ته ”مان هينئر“ جڳ کي ڌرم سان جيتيندس!“ جنگيون ڇڏي ڌرم جيت چاهي ٿو! ٿنڀن ۽ پٿرن تي گوتم جي سکيا اُڪرائي ٿو. پاڻ کي ”پيادسي“ نالي سان سڏائي ٿو ۽ انهيءَ اکر ”پيادسي“ جي معنيٰ آهي ”جو پيار درشٽيءَ ۾ ڏسي ٿو!“ هينئر سچي ڀارت کي پيار جي شيرا ڏئي ٿو. هڪ ودوان چوي ٿو ته

(٥) ڪاوڙ کي مارڻو پيار سان، ڪوڙ کي سچ سان.

(٦) ٽي نيم پالن ڪريو:- "هڪ سچ ٻولڻو، ٻيو ڪاوڙ کي روڪڻو، ۽ ٽيون ڏيڻ سکو! اهي ٽي نيم جي پالن ڪرڻ ته ايشوري پد پراپت ڪرڻ!"

"ڏيڻ سکو!" انهيءَ تي گوتم ٻڌ جو ڏاڍو زور آهي. اسين پيا ڪٺو ڪريون ۽ وقت وڃايون. سي سياڻا جي ڏيڻ سکن ٿا ۽ پاڙکي دکين جي خدمت ۾ خرچ ڪن ٿا!

* * *

[٢]
تصويرون

جهاز:- سمنڊ ۾ جهاز بيٺو هو، ٻڌل! پوءِ ڇوڙ پائونس! جهاز سمنڊ ۾ هلڻ لڳو! جهاز شيوا ڪرڻ لڳو! ڊيڪ (deck) تي هڪ ماڻهوءَ چيو:- ”هينئر جهاز آزاد ٿيو آهي!“ سچي آزادي آهه شيوا ۾!

*

احمد ۽ عمر:- احمد ۽ عمر ٻه ڀائر هئا. عمر ڇا ڪيو جو هڪ عمارت ٺهرايائين ۽ وڏن ٿلهن اکرن ۾ اُن تي پنهنجو نالو اُڪرايائين. عمارت تي نالو بيٺو هو: پر ڪهڙي ڪم جو؟ مشهوري، وڏائي، پر ڪم ڪهڙي جي؟ ٻئي ڀاءُ احمد ڇا ڪيو؟ عمارت ٺهرائي پنهنجو نالو ڪين اُڪرايائين. پر هڪ کوهه کوٽايائين ۽ اُن جي ڀرسان کجور جا وڻ پوکايائين. اُڃايل مسافر جدا جدا ملڪن مان لنگهن ته وڻ هيٺ وشرام وٺن، کوهه جو مٺو پاڻي پيئن، وڻ جون ڪارڪون کائين ۽ چون ته- ”احمد اُپڪاري!“ ۽ ائين چئي احمد کي آسيس ڏين. احمد شيوا ڪئي ۽ آسيس پائي!

*

گفتگو:- هڪ مائيءَ ويٺي ڏول ۾ ڪپڙا ڌوتا. هڪ ماڻهو اچي لنگهيو. ڏسي چيائين:- ”واهه! واهه!

”سڄيءَ تاريخ ۾ هڪ اشوڪ ئي آهه جنهن سوڀ ڪانپوءِ سڀ جنگ ڇڏي.“

اشوڪ جي سکيا هيٺين ستن ڳالهين ۾ سمايل آهه:-

(١) شيوا ڪريو!
(٢) پاڻ کي رس ۾ نه رنڱيو!
(٣) ديا ڪريو!
(۴) وڏيءَ دل سان دان ڪريو!
(۵) سچ ۾ رهو!
(٦) پوترتا ۾ رهو!
(٧) حليميءَ ۾ هلو!

اشوڪ کي ڪيڏي نه ديا هئي! جانورن لاءِ اسپتالون جاري ڪيائين. هن جيڪي پسن پکين لاءِ ڪيو سو هن زماني ۾ اچا ڪنهن به ملڪ نه ڪيو آهه. ۽ قيدين تي هنجي ڪيڏي نه ديا تي! هڪ پٿر تي اُڪريل سکيا ۾ اشوڪ چوي ٿو:- ”منهنجي مرضي آهه ته جيل اندر به قيدي پاڻکي روحاني دنيا جي سڄي سک لاءِ تيار ڪن!“ تنهن سالن تائين، سندس مرتيو تائين، هندستان اهو صلح ماڻيو جنهن ۾ ئي ملڪن جو سچو سک آهه.

پڇاڙيءَ جا ٢ سال اشوڪ تسـ فقير، بکوُ ٿي رهيو ۽ پنهنجي پياري گروءَ، گوتم ٻڌ جي ڌيان ۾ مگهن رهيو. اشوڪ جي ساڃي اها سکيا ته ”شيوا ڪري سچو سک پائيو!“

ويٺي رهن ها. نه! گروجن ڏورو لڳايو! ڇو؟ لوڪن
جي ڀلي لاءِ! گروجن ملڪ ملڪ ۾ وڃي لوڪن جي
سيوا ڪئي! گوتم ٻڌ جو ويچار ڪر! گوتم کي جڏهن
گيان ملي ٿو تڏهن مات ڪري ويٺي نٿو رهي. پر ديس
ديس وڃي ٿو گيان ڦهلائڻ واسطي. شهر شهر وڃي ٿو
لوڪن جي سيوا ڪرڻ واسطي. گوتم جي دل ۾ دنيا
جو ڏک گهڙي ويو. شري ايشا جو ويچار ڪر! ڪئن نه
ڏکين جي سيوا ڪيائين!

***

پرڀوءَ جو سنڌر ڪم وٺي ڪرين!" مائيءَ چيو ته:- "پرڀوءَ جو ڪم ڪهڙو؟ منهنجو ته پرڀوءَ ۾ وشواس وڃي جهڪو ٿيندو. مان نه مندر ٽڪاڻي ۾ به ڪين وڃان." ماڻهوءَ چيو:- "مون ته ٽڪاڻي مندر جي ڳالهه ئي ڪانه ڪئي. مون فقط چيو ته تون پرڀوءَ جو سنڌر ڪم وٺي ڪرين!" مائيءَ چيو:- "پرڀوءَ جو ڪم وري ڪهڙو؟ مان نه ڪپڙا وٺي ڌئان!" ماڻهوءَ چيو:- "هي ڪپڙا ڪنهنجي لاءِ وٺي صاف ڪرين؟" مائيءَ چيو:- "پنهنجن ٻارن لاءِ!" ماڻهوءَ چيو:- "پنهنجن ٻارن لاءِ وٺي ڪم ڪرين: اهو پرڀوءَ لاءِ نه ٿيو ڇا؟ بيشڪ! گهر جو ڪم ڪرڻ به آهه پرڀوءَ جي شيوا ڪرڻ.

*

چڱائي:- هڪ ماڻهوءَ اچي چيو:- "فلاڻو ته ڏاڍو چڱو آهي!"

تنهن تي ٻڌندڙ چيو:- "چڱو ٿيو ته ڇا ٿيو؟"

ماڻهو:- "تڏهن ڇا ڪجي؟"

ٻڌندڙ:- "چڱائي" کان مٿي آهه "شيوا".

ماڻهو:- ڪئن؟

ٻڌندڙ:- ڏس! سنت، پرڀوءَ جا پيارا ڪئن ٿا دنيا ۾ رهن! گرو نانڪ جو وچار ڪر! گروجن جو آدرش فقط "چڱائي" نه هئي. هجي ها ته مانَ ڪري گهر

پرنسيپال آهه: ڪاڏي ڪپڙي جي سنڀال سندس هٿن
۾ آهه: پئسو ڪٿو ڪرڻ به سندس ئي ڪم آهه ۽ ٻن
يا ٽن سون ٻالڪن ۽ ٻالڪين جي ماتا به هيءَ هڪ
استري آهه. اهي ٻار ونس رهن، ونس وڏ ٿيا وٺن، ۽ سندس
اجهو ڪين ڇڏين، جيستائين ٿا شادي ڪن يا ڪنهن
نوڪريءَ ۾ وڃي لڳن. هن نماٽيءَ جو يتيمخانو ڪيترن
کي له آٿت ۽ سهائتا ڏئي ٿو!

هڪ ڏينهن انگلنڊ مان هڪ شاهوڪار مصر ملڪ
۾ گهمڻ آيو. نماٽيءَ جو سڪول ۽ يتيمخانو ۽ ٻيو ڪم
ڏٺائين: ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ نماٽيءَ کي هڪ لک
رپيا دان ۾ ڏنائين! اڃا تائين اهو ماٽهو سندس ڪم ۾
گهڻي سهائتا ڪندو آهه.

نماٽي ٻارڻ رهڻ، کائڻ، ڪپڙي ۾ سادي آهه. بيمارن
وٽ وڃي ۽ اُت وڃي سندن سيوا ڪري. شروعات ۾
ڪيترين ئي تڪليفون آڏو آيس، تن سڀن کي صبر ۾
منهن ڏنائين. ڪيترا مسلمان سندس منهن ۾ ٿڪون
هڻي ويندا هئا، سندس هٿيار هو صبر. صبر جن جو
سيل، تير نه ڳسي تن جو. ڪهڙيءَ ٿا بازار مان لنگهندي هئي
نه ڪيترائي ڪيس گاريون ڏيندا هئا. چي:- "هيءَ وڙي
ڪير نڪتي آهه، جا ڇوڪرن ڇوڪرين ۽ زالن جي سيوا
ئي ڪري؟ زال ذات جو ڪم آهه شادي ڪرڻ ۽

[٥]

أمي نماڻي

نائل هڪ مشهور نديءَ جو نالو آهي. اها ندي مصر ملڪ (Egypt) کي آباد ڪري ٿي. انهيءَ ملڪ ۾ هڪ وقت ڪيڏي نه اوچ درجي جي سڀيتا هئي! ڪن ودوانن جو ويچار آهي ته مصر ملڪ مان، قديم زماني ۾، اها سڀيتا نڪتي جنهن جو اثر دور دور ملڪن تي ٿيو. انهيءَ ملڪ ۾ هن وقت هڪ استري رهي ٿي جنهن کي "ماتا" ڪري ٿا ڪوٺين. نائل نديءَ جي ماتا، نائل جي نماڻي!

سائين ٦ سؤ يتيمن ۽ ٧٥ غريب ودوائن جي ماتا آهي. ٢٨ سال ڪم ڪيو اٿس، يتيمن ۽ ودوائن جي خدمت ڪئي اٿس. هڪ وڏي سنسٿا ٺاهي اٿس جنهن ۾ غريب ۽ دکي اچي کاڌو کائين ٿا، ۽ ڪپڙا ۽ وديا وٺن ٿا.

انهن ٢٨ سالن ۾ هن عورت کي ملڪ جي ماڻهن ١١ لکن کان به وڌيڪ رپيا ڏنا آهن شيوا واسطي. هينئر سندس عمر ٥١ سال آهي. شيوا ۾ سندس وار اڇا ٿي ويا آهن، پر سندس مکڙو ڪئن نه پيو چمڪي! اها هڪ استري روز ڪيڏو نه ڪم ٿي ڪري! سڪول جي

جي آسيس فلاڻي کي چئايو!" ۽ پوءِ ته ڪيترائي نماڻي
کي سنڌس ڪم لاءِ پئسا ڏيڻ لڳا. ڪيترن ڳوٺن مان
به ڏيس سهائتا ملي. سنڌس يتيم خاني ۾ ڪيترن کي
نه اجهو مليو آهه. هڪ ننڍيءَ عمر جي عورت، اُنکي
پاپ جو ٻار ڄائو. عزيزن چيو ته "عورت ۽ ٻار کي زهر
ڏيو يا سنڌن نريون ڪپيو." پر نماڻيءَ اُنهيءَ عورت
۽ سنڌس ٻار کي يتيم خاني ۾ اجهو ڏنو ۽ ٻهادريءَ سان
ماڻهن کي منهن ڏنائين.

ڪيئن نه نماڻيءَ جو ڪم وڏو آهه! هن وقت ڪيس
١٢ عمارتون آهن جن ۾ ڪم ٿئي ٿو ۽ سنڌس سڪول
۾ ساڍا ٤ سؤ ٻار آهن. ڪيتريون ڪرنيون اٿس. ڪن
۾ ڇوڪريون سبڻ جو ڪم ڪن ۽ غريبن لاءِ ڪپڙا تيار
ڪن. ڪي نماڻيءَ جي باغن ۾ ڪم ڪن جمت ڀاڄيون
پوکين. ڪي ماکين جي مانارن مان ماکي ڪڍي تيار
ڪن. ڪي ڳائين جي شهرا ڪن. هڪ ڪوٺيءَ ۾ ١٤
انڌيون ڇوڪريون ويٺي ڪٽڪ پيهن. وڌوائون ڪپڙن
ڌوئڻ ۽ استريءَ جو ڪم ڪن. سڀيئي ڪيس ڪوٺين:-
"امي!" جڏهن سڀيئي گڏجي پرارٿنا جي ڪوٺيءَ ۾
گيمت ڳائين تڏهن ڪهڙو نه سندر نظارو! اکين ۾ اچي پاڻي!

امي نماڻيءَ جو سڄو ڪم صدق ۾ ٻڌل آهه. چوي
ته "پرارٿنا وڏي شڪتي آهه." ايشور ۾ سنڌس وشواس

ٻار ڇٽڻ. هيءَ وري ڪيئن نڪتي آهه؟" پر نماڻيءَ
سڀ سانت ۾ ۽ صبر ۾ سٺو.

نماڻي، ڀر ٻي ڏٻي! هڪ ڏينهن سندس يتيم خاني
جي ڀرسان ڇهن مسلمانن اچي هڪ مرد ۽ اُن جي زال
۽ ٻار تي حملو ڪيو. حملي ۾ ويچارو مرد اُتي مري
ويو! نماڻيءَ کي خبر پيئي. بنان ڊپ گهر مان نڪري
آئي ۽ انهيءَ زال ۽ ٻار جي ڀرسان بيهي کين بچائڻ لڳي.
مسلمانن جا تکا چاڪو هٿي چمڪيا. نماڻيءَ ڪابه پرواه
نه ڪئي. نڪو ڊپ نڪو ڊاءُ. راکي رام ته ماري ڪوڻ؟
اُنهن خوني مسلمانن کي منهن ڏنائين، زال ۽ ٻار کي
پنهنجي يتيم خاني ۾ اندر آڻي سندن رکيا ڪيائين ۽
پوليس کي گهرائي ويچاري مرد جو لاش گاڏيءَ ۾
کڻائائين. خوني مسلمان ڀڄي ويا. زال ۽ ٻار اڃان سندس
پناه ۾ آهن!

هڪ ڏينهن ڪيس پئسي جي ڏاڍي تنگي ٿي.
ٻاهر نڪتي. گهٽيءَ ۾ هڪ ماڻهو ڏٺائين. اُن سان
يتيم خاني ۽ سڪول جي ڳالهه ڪيائين. اُهو ماڻهو
غريب هو ۽ ڪيس ٩ آنا ڪڍي ڏنائين. اُنهيءَ ماڻهو
کي لپ هو. ٩ آنا ڏنائين، اُن کان پوءِ سندس لپ
هليو ويو. ماڻهن کي خبر پيئي. چوڻ لڳا ته "نماڻيءَ

وري پرارٿنا ڪئي:- ”پڀو! ڪم ٿي آسيس ڪر! اڄ ڪم لاءِ هڪ هزار رپيا موڪل!“ سندس ڪم ڪندڙ وري اچي اميءَ کي چيو ته ”گهرج ته انهيءَ کان ٻه وڌيڪ آهه: ١٥سو رپيا کپن-“ اميءَ نماڻيءَ وري ٽيون دفعو پرارٿنا ڪئي:- ”پڀو! ڪم ٿي آسيس ڪر! ۽ جيڪي تون مناسب سمجهين سو اڄ موڪل!“

اَمي نماڻي شهر ۾ نڪتي! رستي تي ٽپالي گڏيس. ٽپال ورتائين، ٽپال کوليائين. کولي ڇا ٿي ڏسي؟ هڪ خط ۾ هڪ ماڻهوءَ اميءَ نماڻيءَ کي ٣ هزارن جو چيڪ موڪليو آهه! اَمي نماڻي! اَمي سڀاڳي! ۽ سي سڀ سڀاڳا جي اميءَ جي پاڇي ۾ رهن!

رکيو جن صدق سچو، ڇڏي سڀ لوڀ،
سي سڀاڳا، سي سڀاڳيون، پاتي تن ته سوڀ!

***

اَئل آهه. ڪڏهن ڪڏهن ته ٻارن کي ڪٽڪ جو هڪ ڪٽو به ڪونه ٻچي جنهن مان ٻئي ڏينهن لاءِ ٻچن واسطي نيرن تيار ٿئي. هاڻي اَمي ڇا ڪري؟ پرارٿنا ڪري نڪري شهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري! ماڻهو سمجهي وڃن! ڪيئن ۾ همت وجهن! ڪيس اَڻ گهربو ڏين، چانور، ڪٽڪ، ڀاڄيون، پئسا! هڪ ماڻهو هڪ حجام کي ٥ رپين جي ڪٽڪ ڏيندو آهه ته حجام اَمي نماڻيءَ جي يتيم خاني جي ڇوڪرن جي حجامت وڃي مفت لاهي!

اَمي نماڻي صبوح جو سويل اُٿي ۽ رات جو ١٠ بجه تائين ڪم ڪري. سندس جتي پراڻي، سندس ڪپڙا سادا، سندس گهر نماڻو، پر سندس اکين ۾ جوت جو چمڪو! روز پرارٿنا ڪري پوءِ ڪم تي چڙهي. هڪ ڏينهن ڪيس پئسو نه هو جو ڪم ڪندڙن کي ڏئي. سندس سنستا جو خرچ مهني ۾ انڪل ٧ سؤ رپيا آهي. چيائين ته "شهر ۾ نڪران: من ڪنهن کي پريرڻا پوي ۽ مونکي ڪم لاءِ ڏئي!" وڃڻ کان اڳه پرارٿنا ڪيائين. پرارٿنا ۾ چيائين:- "پريو ڪم تي آسيس ڪر. اڄ ڪم لاءِ ٧ سؤ رپيا موڪل!" پرارٿنا ڪانپوءِ سندس هڪ ڪم ڪندڙ ڪيس گڏيو. اُن چيس ته ٧ سو رپين کان وڌيڪ گهرج آهه. ٻارن جي ڪپڙن تي ئي انڪل ٣ سؤ رپيا لڳندا. اَمي! پرڀوءَ کان وڌيڪ گهر!" اَمي نماڻيءَ

سهڻا ڪپڙا پيا پائين! ٻرپوءِ کي وساري ڏکي ٿي رهيا آهن. اُنهيءَ شهر ۾ هي پيارو پنهنجو آواز اُٿاري ٿو:-
”نه وساريو! وطن اوهانجو آهه آتم ديس. مت وساريو! پاپن جو پڇتاءُ ڪريو!“ پنهنجن اُپديشن ۾ هنن ٥ ڳالهين تي زور رکي ٿو:-
(١) وطن پنهنجو نه وساريو؛ (٢) پاپن جو پڇتاءُ ڪريو؛ (٣) نام ياد ڪريو؛ (٤) غريبن جي سيوا ڪريو ۽ (٥) آتم ياد ڪريو!

هن پياري جو اثر وڏي وڌندو. اُهو شهر جو پاپ ۾ ٻڏل هو، تنهن تي پوي ٿو. ڪيترائي سندس پوڄا پرارٿنا ۾ اچي شامل ٿين ٿا: ستسنگ ۾ ڪيترائي پڇتاءُ ۾ رُئن ٿا: ڪيترن جي جيون ۾ نئين روشني چمڪي ٿي! ڪيترا جي رشوتخور هئا، سي رشوت ڇڏين ٿا، رشوت جا پئسا اچي سنت جي چرڻن ۾ رکن ٿا ۽ چون ٿا ته ”سائين! اسان کان هي پئسا وٺو ۽ اسانکي معافي ڏيو!“ هي پيارو اهي سڀ پئسا غريبن ۾ ورهائي ٿو. وٽس چور ڌاڙا اچن ٿا ۽ روئي چون ٿا:- ”بخش پاپ اسانجا، ڏي معافي!“ هن پياري ڪيترن ڏکين جي سيوا ڪئي ۽ کين آسيس ڏني.

*

هڪ ٻيو پيارو ٻئي ملڪ ۾ پڌاريو. هن وقت لڪن

[٦]

٣ رتن

آنٽوني هڪ مهاپرش ٿي گذريو آهي. اڃا ١٥ ورهين جو مس آهي ته سندس جيون ۾ ڦيرو اچي ٿو. سنتن جي باڻي پڙهي ٿو. سنتن جا جيون چرتر اڀياس ڪري ٿو. هن واسطي هيڏر نڪي مضمون، نڪي مجلسون. روز ڪجهه وقت سانت ۾ گذاري ٿو. پر وري جڏهن ٻين کي ملي ٿو تڏهن سندس مک ۾ نڪي مونجهه نڪي غم. ڪلهڪو آهي. اخبارن پڙهڻ ۾ وقت نٿو وڃائي. روز روز پنهنجي نبض ٽپاسي ٿو، پنهنجو امتحان وٺي ٿو ته ڪيتري قدر مان اڳتي هلان پيو. پوڄا پرارٿنا لاءِ سندس پيار وڃي وڌندو. سندس دل اندر پياس آهي ته سنتن جو داس ٿي رهان. پاڻ به سنت ٿي پوي ٿو.

هڪ ڏينهن سندس دل اندر ويچار آيو ته "پيار آهي قرباني! جيڪر مان به قربان ٿيان، شهيد ٿيان!" جيئن ڏينهن وڃن گذرندا تيئن وڌيڪ پروڙي ٿو ته نرمل نشڪام شيوا آهي قرباني: ۽ پرارٿنا ڪري ٿو ته "شل روز روز شيوا ۾ شهيد ٿيان!"

هڪ شهر ۾ اچي ٿو. ڏسي ٿو ته شهر پاپ ۾ گرفتار آهي. ماڻهو ناٽڪ پيا گهمن، شراب ۽ جوا ۾ پيا وقت وڃائين، گندا ڪم پيا ڪن، پراسترين پٺيان پيا ڊوڙن!

ڪروڙ رپيا مِلن ٿا. ڪيس ڪيترين تڪليفن آيون پر سندس صدق پرڀوء ۾ ڪڏهن به وقت به ڊهڪو نه ٿيو. شيوا ڪندو رهيو. پنهنجي "ڊائريء" ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:-

"And yet now, since God has taught me this point, it is as plain to me as anything, that the first thing the child of God has to do morning by morning, is to obtain food for his inner man. As the outward man is not fit for work for any length of time except we take food, and as this is one of the first things we do in the morning, so it should be with the inner man. We should take food for that, as every one must allow. Now what is the food for the inner man? The word of God, and here not the simple reading of the word of God, so that it only passes through our mind just a border runs through a type, but considering what we read, pondering over it, and applying to our hearts."

"هيئنر مونکي پرڀوء هڪ ڳالهه سمجهاري آهه جا مان چٽيء طرح ڏسان ٿو. اِها هيء آهي ته ٻڌو ٻين ٻهرين ضروري ڪم هر هڪ صبوح جو هڪ پرڀوء جي ٻالڪ لاء آهه پنهنجي اندر لاء کاڌو وٺڻ. جئن سرير

جي ڏاڍين ۾ رهي ٿو. اُنجو نالو "پاٽرڪ". اهو بہ سنت ٿيو. پرڀوءَ لاءِ عجيب پيار هوس. بادشاهن کي ۽ وڏن سورمن کي ڪڏهن نہ ڇڪيائين. سڄي ملڪ کي ڌرم جي راهہ ۾ وٺي هليو. جت سنت آهن، اُت ايشوري شڪتي ماڻهن کي ڇڪي ٿي. سقراط وانگر هي پيارو، مشڪلاتن ۽ تڪليفن ۾ گنڀير رهيو ۽ پرڀوءَ جي صدق ۾ پڪو رهيو. سقراط وانگر هن پياري سمجهيو تہ جيون امانت آهہ ۽ ملي آهہ لوڪن جي سيوا لاءِ. دنيا ۾ لوڪ دکي آهن ۽ دکين جي سيوا ڪرڻ ۽ کين ڌرم جي راهہ ۾ وٺي هلڻ اُتم ڪم آهہ.

*

هڪ ٻيو پيارو اسان جي ڏينهن ۾ بيدار ٿيو. اُنجو نالو: "مُلر". هڪ ڏينهن هڪ گهر ويجي ٿو: اُتي ڏسي ٿو تہ هڪ ماڻهو ويٺو پرارٿنا ڪري. اُن جو منهن پيو چمڪي. مُلر جي دل تي عجيب اثر ٿئي ٿو. سندس جيون ۾ ڦيرو اچي ٿو ۽ پنهنجي جيون سيوا ۾ ارپڻ ڪري ٿو. هڪ يتيم خانو کولي ٿو. غريب آهہ پر چوي ٿو تہ "پرڀو ڏيندو." هڪ هزار يتيمن کي کارائي ٿو، ڪپڙا ڏئي ٿو، پاڙهي ٿو ۽ خرچ لاءِ هڪ پرڀوءَ جي سهائتا تي مدار رکي ٿو. ڪنهن بہ انسان کان نٿو گهري، پر روز پرڀوءَ جي چرنن ۾ پرارٿنا ڪري ٿو ۽ پنهنجون گهرجون رکي ٿو. گهرڻ کانسواءِ کيس ماڻهن وٽان اٽڪل ڏيڍ

[٧]
شيوڪ جي سکيا

هڪ ننڍو ملڪ آهه جنهن کي آزادي ملي، تنهن کي ڪي سال ٿيا. اُنجو نالو آهه :- ”فِن ڀُومي“. پنهنجي ملڪ کي ڪوٺين ”سُومِي“. اِهو اکر ڪيئن ڏاڍو مٺو آهه ۽ مٺيءَ طرح اهو اکر اُچاريندا آهن. ”سومي“ اکر جي معنيٰ آهه ”ماءِ ڀُومي“.

اِنهيءَ ملڪ جا ديش ڀڳت گهڻو شور کان پري رهن: اڪثر سانتيڪا آهن ۽ ڀلوان. اڪثر ته ڪلن ڀي ڪين! اُسترا ڀون ته مضبوط آهن جڻ ته رڳن ۾ لوهه اٿن! مشڪلاتن تڪليفن کي ڪيئن نه منهن ڏين! ملڪ ۾ ٿڌ ڏاڍي آهه. پر ماڻهن کي سهڻ جي طاقت آهي. ڪوٺيءَ ۾ اشنان ڪرڻ وڃن: ڪوٺيءَ ۾ رکن پٿر ۽ پٿر هيٺان باهه جا پنيت پيا ٻرن. انهن پٿرن تي وجهي ليٽن ۽ گرم پاڻيءَ سان، باقي ۾ مزي سان اشنان ڪن ۽ اشنان ڪرڻ وقت هڪ ٻئي کي وڻن جون ٽاريون پيا هڻن، تان جو سندن بدن اچي چمڪن. پوءِ وري اهڙي گرم اشنان مان، ڪوٺيءَ مان، باهين جي پنيت کان ٻاهر نڪري ڊوڙون پائيندا وڃي ٽپا ڏين ڀي نديءَ ۾، جت برف ئي برف! ۽ جڏهن ٽپا ڏين تڏهن خوشيءَ ۾ پڙجي واڪا ڪن!

هنن ماڻهن ۾ بيشڪ سهڻ شڪتي عجيب آهي! هن

گھڻي وقت ٿائين ڪم ڪرڻ لاءِ ڪاڌي ڪانسواءِ تيار نہ ٿو ٿئي، ۽ سرٻو کي صبوح جو ڪاڌو، نيرڻ، ڏيڻ ضروري آهي، تنهن ضروري آهي تہ اسين اندر کي بہ کاڌو پهچايون. سو کاڌو ڪهڙو آهي؟ پڀوءَ جي باڻي! نہ فقط پڙهون، پر من ۾ وهاريون؛ جيڪي پڙهون تنهن تي ويچار ڪريون ۽ هردي ۾ هنڊايون."

هن پياري ثابت ڪري ڏيکاريو تہ جو سچيءَ دل سان پڀوءَ کان گهري ٿو اُن کي پڀو ڏئي ٿو. جنهن شري ايشا چيو:-

Ask and it shall the given unto you

"گهرو ۽ اوهانکي ضرور ملندو".

ننڍي ٻارن جنهن جو ذڪر مون ڪيو آهي، هي سبق سيکاريو تہ سچيءَ شيوا جي طاقت پرارٿنا ۾ آهي.

***

(٥) ذات پات کان پري رهو. ڪيڏي نه ايڪتا هن ملڪ ۾ آهه!

(٦) استرين جا حق سڃاڻو. نارين ۾ جاڳرتا گهٽي آهه ۽ وديا گهٽي آهه ۽ مرد پاڻ چون ٿا ”نارين جي حقن کي نه لتاڙيو!“

(٧) بي ايمان نه ٿيو. هن ملڪ جا ماڻهو هڪ ٻئي کان پيسا اڌارا وٺن ٿا موٽائين ڪانه ٿا وڃن. هڪ ملڪ آمريڪا کان اٽڪل ۲٦ ڪروڙ قرض کنيو. انهي قرض مان ٻه اٽڪل ١٦ ڪروڙ ڏئي چڪو آهه ۽ ٻيو قرض به قسطن ۾ پيو ڏئي.

(٨) صفائي رکو. شهر ۽ گهر ڏاڍا صاف! ۽ پنهنجي بدن جي به ڏاڍي صفائي ڪن ٿا.

(٩) صلح ۾ رهو. هي ماڻهو مضبوط آهن ۽ آزاد آهن پر کين سکيا ملي آهه ته ٻئي ڪنهن به ملڪ تي حملو نه ڪريو. صلح ۾ رهو.

ڪهڙي نه سندر سکيا!

****

ملڪ ۾ هڪ ماڻهو آهي جنهنکي سڀ ڏاڍي عزت ڏين ٿا. اُنجو نالو سبيلئس (Sibeluis). هن ملڪ جو پرسڌ پڳيت آهي، ملڪ جو نيتا آهي. عمر ۾ وڏو آهي. هن ملڪ جو Grand old man آهي. هن پياري سڄي ملڪ کي هي منتر سيکاريو آهي:- ”سڄو پيار آهي شيوا!“

انهيءَ ماڻهوءَ جي ”شيوا“ جي سکيا هنطرح آهي:-

(۱) پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ جي رکيا ڪريو. جڏهن رشيا ڪرشش ڪئي ته هن ننڍي ملڪ کي همت ڪريان، تڏهن هي پيو نوجوان ڪڙو ٿي بيٺو ۽ ماڻهن کي چيائين ته ”بهادر ٿي بيهو، آزاديءَ جي رکيا ڪريو.“ رشيا کي هٽائي ڪڍيائين ۽ ملڪ کي پورن ”پرجا جو راڄ“ (republic) مليو.

(۲) مضبوط ٿيو! هن ديش پڳيت ماڻهن کي وانديون ڪشوت ڪرڻ سيکاريو آهي ۽ جيڪي به ڪشتن ۾ شامل ٿين، ڇوڪر ڇوڪريون، نوجوان، پهلوان، تن سڀني کي هيءَ سکيا ڏني اٿس ته ”ملڪ جو شان رکو!“

(۳) وديا وٺو! هن ملڪ جي ماڻهن کي فخر آهي ته سؤ مان ۹۹ ماڻهو پڙهيل آهن. وديا بنان آزاديءَ جو بچاءُ ٿي نٿو سگهي.

(۴) ماتر ڀاشا لاءِ پيار رکو. هن ملڪ جي ماڻهن کي پنهنجي ديش جي ٻوليءَ لاءِ ڏاڍو پيار آهي.

جا ٢ پٽ هن سڪول ۾ پڙهندا آهن. زنزيبار کان طهران تائين مکيه ماڻهو هن سڪول جا شاگرد ٿيا آهن ۽ سندن پٽن کي به اُت وديا ملي آهه يا ملي پيئي. هڪ واپاريءَ چيو ته "جي هي سڪول نه هجي ها ته هي ملڪ اڃا سڌري نه ها."

هن سڪول جي پرنسپال وديا جي وسيلي سڄي ملڪ ۾ ڦيرقار آندي آهي. وڏي شهرا هن سڪول جي هيءَ ٿي آهه ته ملڪ جي نيتائن کي ننڍپڻ ۾ هن سڪول جي وايو منڊل ۾ اهڙا سکيا ملي آهه جنهن کين ملڪ جي سيوا لاءِ تيار ڪيو آهه. انهيءَ سکيا کانسواءِ جيڪر اهو ملڪ هن زماني جي لهرن ۾ لڙهي وڃي ها. هن پرڀوءَ جي پياري هڪ موقعي تي هيئن چيو:-

"تاريخ ڇا ٿي ڏيکاري؟ ڪڏهن پوُرب (Asia) ڪماليت ۾ ٿيو آهه ۽ انهيءَ وقت پوُرب مان اُها ندي وهي آهي جنهن اڄي پشچم (Europe) کي آباد ڪيو آهه. پر هن وقت پشچم، ولايت چوٽيءَ تي آهه ۽ ولايت جا ويچار ڀڳتي، راجنيتي، ۽ وديا جي ڳالهين ۾ سڄي پورب اندر پيا اچن. ڏاڍو ڪم ٿي سگهي ٿو، پر ڏاڍو خوف به آهه. هن وقت هڪ ملڪ ۾ آزاديءَ جي لهر آهه. هن وقت سائنس ڌرم جي خيالن کي اُلٽو ڪري ڇڏيو آهه. هن وقت زميندار هن زماني جي

[٨]
ننڍو، سادو پرنسپال

سريا (Syria) ملڪ ۾ هڪ ماڻهو رهي ٿو جنهن اُنهيءَ ملڪ اندر هڪ نئين هل چل آندي آهي. اُنهيءَ هل چل جو منتر آهي "وديا"؛ ۽ اُنهيءَ ماڻهوءَ جي سکيا آهي ته "سڀ وديا آهي شيوا."

اُنهيءَ ماڻهوءَ جو نالو آهي داج. سريا جي مکيه شهر جو نالو آهي بيروت. اُنهيءَ شهر ۾ هڪ وڏو سڪول آهي جنهن جو پرنسيپال آهي داج. گذريل ٻن سالن ۾ انهيءَ سڪول جي اُٿر هيٺ ۴ هزار شاگرد ۽ ۴ هزار ٻيا نوجوان آيا آهن. هن سڪول ۾ جن وديا ورتي آهي تن مان ڪيترائي وڏن عهدن ۾ آهن.

هڪ تعليم جو وزير آهي؛ هڪ ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ آهي؛ هڪ اُن ملڪ جي پارليمينٽ جو پريزيڊنٽ آهي؛ هڪ کيتيءَ جو وزير آهي. سڀي ملڪ ۾ انهيءَ سڪول جي پرنسيپال لاءِ نهايت عزت ۽ شردا آهي. سندس دماغ روشن آهي ۽ سندس دل ۾ ڪيڏو نه پيار آهي! هن ماڻهوءَ کي عجيب ڇڪڻ جي شڪتي آهي!

تازو عربستان جي بادشاه ڪيس هڪ واچ سوکڙيءَ طور موڪلي؛ سندس سڪول بادشاه کي ڏاڍو وڻيو. ڪوات رياست جو راجڪمار ۽ پهرين رياست جي بادشاه

جي، ميران سڪول وانگر هيءُ به مراد آهي ته وديا ۽ ڌرم جو ميلاپ ٿئي. ميران سڪول وانگر هن سڪول جي شاگردن کي سکيا ملي ٿي ته ”صلح ۾ رهو! ٻين قومن ۽ ڌرمن لاءِ عزت رکو.“ هن سڪول جي اثر هيٺ مسلمان ڇوڪرين پردو ڦٽو ڪيو آهي ۽ ڪيترين جهونين ڪنين رسمون ملڪ مان نڪري ويون آهن.

سڪول جي پرنسيپال کي اباڻي ملڪيت آهي ۽ شاهوڪار آهي، پر سڪول مان هڪ پائي به پگهار جي نه کڻي. سندس جيون ۾ سادگي آهي. ميران سڪول وانگر هي پڻ پريءَ جو پيارو چوي ٿو ته ”سادگيءَ ۾ جيون جي جوت آهي.“ هن مهاپرش جي سادگيءَ جو اثر سڄي ملڪ تي آهي.

هي پيارو شاگردن اڳيان ملڪ محبت، ديش ڀڳتي جي سچي سکيا رکي ٿو. شاگردن کي چوي ٿو:-

Love your country But the way to show that you love it is to do something for it.

”ملڪ کي پيار ڪريو- پر ياد رکو ته سچي پيار جي ساکي هيءَ آهي ته ملڪ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪريو!“ ميران سڪولن ۾ به روز روز هي گيت شاگرد ڳائيندا آهن:-

”ڀارت همارا ديش هئي، هم ڪڇ نه ڪڇ ڪر جائينگي“

واپارين سان ڇڏاڻيءَ ۾ ٻيهي نٿا سگهن. هن وقت ٻين ملڪن جي شين سان پنهنجي ملڪ جون شيون ڪيئن هلي سگهن؟ آسٽريليا مان ٿيو ٽڪيو اُتو اچي ٿو جو هن ملڪ جي ڪپڙي کان سهانگو آهي ۽ جپان مان ريشم اچي ٿو جو هن ملڪ جي سوٽي ڪپڙي کان به سهانگو آهي. هن وقت ملڪ کي نون نيتائن جي ضرورت آهي. هن وقت ذات پات جا ڀيد ڀڄي نه سگهندا. هن وقت دماغ جي طاقت کپي. هن وقت وديا جي طاقت کپي ۽ وديا ٻڌان هي ملڪ ۽ ٻيا ملڪ ولايت جي زنجيرن ۾ غلام ٿي پوندا."

هن پياري جي سڪول جي مراد آهي ته ولايت جي وديا جو فائدو وٺجي، پر پنهنجي ملڪ جو آدرش نه ڇڏجي. جئن ميران سڪولن ۽ ڪاليج جي مراد آهي ته ڀارت جا وديارٿي هن وقت جي وديا سان گڏ ڀارت جي پراچين رشين ۽ گيتا جي نرمل سکيا وٺن ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ هي چار گڻ پرڪاش ڪن:- سادگي، پوترتا، پرارٿنا ۽ سيوا. ميران سڪول ۽ ڪاليج ۾ جدا جدا مهاپرشن جا پوتر ڏينهن ملهايا وڃن ٿا. لئن ڀرت جي سڪولن ۾ به جدا جدا مهاپرشن جا ڏينهن ملهائين ٿا. جي ناتال ڏينهن ڪرائيسٽ جو ڏينهن ملهائين ته وري ٻئي موقعي تي محمد صاحب جو ڏينهن ملهائين. هن سڪول

[٩]
جيو ديا جي جوت

هانگ ڪانگ هڪ مشهور شهر جو نالو آهي جو چين ولايت ۾ آهي. اهو شهر وڏي واپار جو مرڪز آهي. انهيءَ شهر ۾ تازو هڪ پرسڌ استريءَ جو مرڻو ٿيو. اُنجو نالو هونگنگ. سندس پتي لکن جو خاوند هو. اهڙي شاهوڪار گهر ۾ رهي به هيءَ استري سادي نماڻي هئي. نه پهريان! اوائل ۾ ته ڏاڍو نت شت هوس. ڪپڙا ڪهڙا نه، اُچا پائيندي هئي! کاڌ پيٽ ۾ ڏاڍي خرچ ڪندو هئي. پر سندس جيون ۾ ڦيرقار اچي ٿي.

ڪئن؟ هڪ ڏينهن گوتم ٻڌ جي جيون چرتر جو بيان پڙهي اُئي. بس! گوتم ٻڌ جو ڪمل مکڙو سندس دل ۾ گهڙي وڃي ٿو. گوتم ٻڌ جي جيون جو جادو مٿس لڳي ٿو. ٻڌ ڌرم جي ششياڻي ٿئي ٿي. سندس حياتي بدلجي وڃي ٿي. هيٺر کاڌي پيتي ۾ سادي! هلت چلت ۾ نماڻي ٿئي ٿي. گوتم ٻڌ له غريبن جو شيوڪ هو. هن استريءَ جي دل اندر غريبن لاءِ پيار جاڳي ٿو. ڪيترو نه پئسو خرچ ڪيائين ڏکين جي سيوا ۾!

هونگنگ جي حياتي نئين ٿي پئي. ديا ڌرم اختيار ڪيائين. پسن ۽ پکين جي سيوا ۾ ڪيڏو نه خوش ٿيندي هئي! ماس مڇي کائڻ ڇڏي ڏنائين. يورپ جا ماڻهو

کھڙي نہ سنڌ سگھيا! پيار ڳالھين ۾ ڪين آھ:
پيار آھ ڪم ۾، خدمت ۾، ملڪ جي ٽھل شيوا ۾! ھن
سڪول جي اثر ھيٺ عرب نوجوان وڪيشن ۾ ڳوٺن ۾
وڃي ڪم ڪن، اُت وڃي ڳوٺاڻن لاء سخت پورھيو
ڪن. اُت وڃي پاڻيءَ جا حوض صاف ڪن؛ ڳوٺاڻن لاء
سٺا ڪاڪوس ٺاھين. ڪيترن جا نوان سڌريل طريقا
پڌائين؛ ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي ۽ وڏن کي بہ پڙھڻ لکڻ
سيکارين ھڪ بہ عرب نوجوان انھيءَ ڪم لاء پائيءَ جو
بہ اُجورو نہ وٺي.

ھي پيارو ھن وقت عمر ۾ ٥٠ سالن جو آھ. قداور،
سھڻو، نيلين اکين وارو، سيٺي سان مٺو ڳالھائي. سڪول
جي شيوا اٽڪل ٢٥ سال ڪئي انس. اُنھيءَ شيوا ۾ ۽
محنت ۾ سندس وار بہ اُڇا ٿي ويا آھن. ڪيڏو نہ ڪم
ڪيو انس ۽ وڌيڪ ڪري! ١١ ھزارن يتيمن جي خدمت
ڪئي انس. بيمارن کي دوائون ڏنيون انس. سڪول
کي پئسو ڏنو انس، ھڪ پائي بہ نہ ورتي انس. عيش
آرام ۾ رھي سگھي ٿو، پر ساديءَ ۾ رھي ٿو. ھن پياري
ھيءَ ڳالھ سمجھي آھ تہ "سچي جيون آھ شيوا." ھي
سياڻو آھ ۽ سڪول سياڻو آھ جو ھن پياري جي سنگ
۾ ۽ سندس پيار جي ڇاڇي ۾ رھي ٿو!

***

جي شيوا ڪن!" ايڊيٽر ٻئي طبيعت جو ماڻهو آهي. هڪ مترڪي گڏجي تہ چوڻ لڳو:- "هيءَ استري ڇا پئي چوي؟ ڇي اخبار ۾ ڪڪڙيءَ جو فوٽو وجهه! مونکي تہ شرم ٿو اچي!" متر ايڊيٽر کي سمجهائي ٿو چوڻ لڳو:- "توهان تہ ڪو مورک آهيو! فوٽو وجهندين تہ سندر شيوا ڪندين. جو تہ ماڻهن ۾ جيو دَيا جو ويچار وڌندو." پوءِ اخبار ۾ فوٽو پيو ٿو تہ ڪيترن جو ويچار جيو دَيا ڏي ڇڪجي ٿو.

هو لنگهه دَيا ۽ شيوا جي مورت هئي. نہ فقط مسڪينن لاءِ، پر پکين لاءِ ڪيس عجب پيار هو ان پيار ۾ هن استريءَ پنهنجو جنم سڦل ڪيو!

***

ته وڏن ڏينهن تي به ماس يا مڇي کائين. گڊ فرائيڊي
[Good Friday] ڪيڏي نه پوتر يادگيري جو ڏينهن
آهي! اُن ڏينهن شري ايشا کي سوليءَ تي چاڙهيائون.
اُن ڏينهن يورپ جا ماڻهو جي ڪٽي گوشت نه کائين ته
به مڇي ته کائين ٿي کائين! ناتال ڏينهن آهي شري ايشا
جي جنم جو ڏينهن. اهڙي پوتر ڏينهن به گوشت کائين!
اُن ڏينهن ٻهڪندي مترن، ساهيڙين کي سوکڙيون موڪلين.
هڪ ناتال جي ڏينهن هوتنگ کي سندس هڪ ساهيڙيءَ
هڪ سوکڙي موڪلي ٿي؛ ڪهڙي؟ هڪ ڪڪڙي ته
رڌي کائو ۽ خوشي ملهايو! هوتنگ کي ڪڪڙي پهچي
ٿي. پوءِ ڇا؟ سندس اکين ۾ پاڻي اچي ٿو. هوتنگ ته
آهي ديا ڌرم جي پوڄاري، گوتم ٻڌ جي ششياڻي. ڳوڙها
سڪائي ٿي. پوءِ هڪ ماڻهوءَ کي پاڻ وٽ ڪوٺي ٿي
جو سندس اخبار جو ايڊيٽر آهي. ايڊيٽر کي چوي ٿي:-
"مونکي اڄ هڪ سوکڙي آئي آهي ڪڪڙي، ته مان
کيس رڌي کان ۽ ناتال جي خوشي ملهايان: پر مون ته
گوشت ڇڏيو، جنهن ڏينهن کان وٺي مان گوتم جي چرنن
۾ قبول پيس. هاڻ مان چاهيان ٿي ته هن ڪڪڙيءَ جي
مان رکيا ۽ سنڀال ڪريان. هنکي مان پالينان ٿي. مون
اوهان کي ڪوٺيو آهي ته اوهين اخبار ۾ هن ڪڪڙيءَ
جو فوٽو ڇپيو ته ماڻهن جو ڌيان اُن ڏي ڇڪجي ۽ هن

نالو پيو ۽ انهيءَ ملڪ ۾ ئي ڪيترا سال پوءِ روميءَ جو
ڏيهانت ٿيو.

بلخ [Ballkh] ۾ سندس جنم ٿيو. تنهنڪري انڪل سايا ست صديون ٿيون. ۱۲۰۷ ۾ ڄائو. سندس پتا ودوان هو ۽ ڏورم لاءِ کيس ڏاڍو پيار هو. مشهور پروفيسر هو. ڳالهائڻ جي ڏات کيس ملي. سندس اکين تي ماڻهو موهت ٿيندا هئا. آزاد خيالن جو هو ۽ هڪ موقعي تي بادشاهه جي ڪن ڪمن تي نقطه چيني ڪيائين. تنهنڪري بادشاهه مٿس ڪوپ ٿيو ۽ کيس شهر نيڪالي ملي. سانت ۾ پنهنجي ڪٽنب سان بلخ ڇڏي بغداد ۾ آيو. اتان آرمينيا ملڪ ۾ ارزنگن شهر ۾ آيو. اتي ڪجهه وقت ڪاليج جو پرنسپال هو. اتان وري ٻئي شهر "لرندا" ۾ آيو. اتي به ڪاليج جو پرنسپال ٿيو. اتي "روميءَ" جنهنجو جنم جو نالو هو "جلال" شادي ڪئي.

بغداد مان مسافري ڪندي رستي تي نشاپور شهر ۾، "جلال" جي پتا کي هڪ وڏو درويش مليو. "جلال" کي ڏسي درويش ڏاڍو خوش ٿيو. "جلال" جي اکين ۾ ئي جوت هئي. جلال کي اهو درويش پيائڻ لڳو ۽ جلال کي پنهنجو سندر پستڪ انعام طور ڏنائين. انهيءَ پستڪ جو نالو "اسرار ناما" [Book of Mysteries]: ۽ جلال جي پيءُ کي چيائين ته "اوهانجو پٽ جلال

[١٠]

رُومِي

ايران جو پيارو، جڳ ساري جو پيارو، رُومِي جي جيون چرتر ۾ ڪو جادو آهي! روحاني زندگيءَ جو راڳيندڙ هو ۽ سندس راڳ ۾ ڪيڏو نه رس، ڪيڏو نه گيان! سندس گيت سندر، مٺا! ڪيس "بلبل" ڪري ٿا ڪوٺين. سڄي ايران ۾ هنجا گيت ڳائين ٿا، شاهوڪار ۽ غريب، مجلسن ۾ ۽ بزارين ۾ هن پياري جا راڳ ڳائن، پيا ڳائن، پاڻهي ئي ڪين! ودوانن ۾ هنجي ڀاڃيءَ لاءِ وڏي عزت آهي! درويشن ۾ هنکي وڏو درويش، سنت ڪري ٿا پوڄين. ڪرڻ ۾ ڪري هو. ايران ۾ ڪي ٻاڪري ٻ جڻن گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ وڃي پاڄين ۽ مڙن جا هوڪا ڏين تڻن وچ وچ ۾ "رُوميءَ" جا گيت ڳائين. رُومي ايـران جـو بي تاج بادشاه آهي.

"رُومِي" معنيٰ "روم نواسي". "روم" کي انگريزيءَ ۾ چئون "روم" [Rome]. "روم" اٽالي ملڪ جي گادي آهي. "رُومِي" معنيٰ "روم" جو [Roman]، اٽالي جو. رُوميءَ جو پتا ڪجهه وقت وڃي هڪ ملڪ ۾ رهيو، جنهن جو نالو "ڪونيا". اهو ملڪ "روم" جـو هڪ صوبو هو، ۽ اُنهيءَ ملڪ ۾ هن پياري لـي "رومي"

پائيندو هو ۽ ڦريون پائي پائي اچي ڳائڻ ۾ چڙڪندو هو. گيت پٺيان گيت ويندو هو اچاريندو ۽ پيا ويندا ها لکندا. انهن هڪ وڏو گرنٿ، گيتن جو گرنٿ ٺهيو، جنهنکي ڪوٺين ٿا "مثنوي". ان ۾ ٢٦ هزار گيت آهن، هڪ هڪ ۾ ٢ سٽون. ڪل سٽون ٥٢ هزار آهن. اهو گيتن جو گرنٿ عجيب آهي. انهيءَ گرنٿ تيار ڪرڻ ۾ ٤٣ سال لڳي ويا.

٦٦ سالن جي عمر ۾ ١٢٧٣ ۾، هي پيارو پرلوڪ پڌاريو. مرڻيءَ وقت به سندس چپن تي پريءَ جو نالو هو ۽ انجي پيار جي مهما هئي. سندس لاش اڳيان جدا جدا ڌرمن جي ماڻهن اچي رنو ۽ سر جهڪايو. تن مان هڪ هو ڪرسچان. پڇيائونس ته "تون انهو ڇو ٿو روئين؟" چيائين:- "اوهانکي خبر نه آهي ته اوهين هنکي ڇا ڪري ٿا سمجهو؟ اسين ته پيا پائيون ته هي زماني جو موسيٰ آهي، دائود آهي، عيسيٰ آهي. اسين ته هنجا شش آهيون!"

گيتن ۾ ۽ ٻيءَ ٻاڻيءَ ۾ سندس سکيا ڪهڙي آهي؟

(١) جيون جي پرم منزل آهي پريءَ سان ميلاپ، يوڳ!

(٢) تنهن لاءِ ضروري آهي ته گرو، مرشد ڪجي ۽ انجي شيوا ڪري، انجي حڪم ۾ هلي، پاڻ کي ان ۾ "فنا" ڪجي.

جڳهه ۾ پرسڻ لڳندو!" هن وقت "رومي" سڄي دنيا ۾ مشهور آهي.

چون ٿا ته ننڍو هو، ٦ سال سندس عمر؛ اُن وقت به کيس عجيب درشن ايندو هو. سندس پتا وڏو ودوان هو. اُن ويهي "رُومي" کي ننڍيءَ عمر ۾ ئي پاڙهيو ۽ کيس ڏاڍو هوشيار ڪيو. پتا جي مرڻ کانپوءِ پتا جي ڪرسي ڪاليج ۾ "رُوميءَ" کي ڏنائون. پاڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هو ۽ سندس ساک ايڏي ٿي جو جدا جدا هنڌن کان شاگرد وٽس اچڻ لڳا تانجو سندس ڪلاس ۾ شاگرد ٤ سؤ کان به مٿي ٿيا.

نيٺ هڪ ڏينهن کيس هڪ فقير جو درشن ٿئي ٿو جنهنکي چوندا هئا "درويشن جو شاهه". اُنجو نالو "شمس تبريز". اُنجو اثر روميءَ تي عجيب ٿيو ۽ اُنکي روميءَ پنهنجو گرو، مرشد ڪيو. شمس تبريز روميءَ کي ڏاڍو پيارو هو، پر وقت به وقت اُن سان ٽڪو به ڳالهائيندو هو. رومي وڏو ودوان هو ۽ وڏو شاعر هو. پر گروءَ جي اڳيان جڻ ٻار! گروءَ لاءِ کيس ڪيڏي نه شرڌا هئي! گروءَ ۾ پريوءَ جو روپ ڏسندو هو. رُومي پاڻ کي گروءَ ۾ "فنا" ڪيو.

گروءَ جي سنگ ۾ رُومي ته رڳو لعل ٿيو. پنهنجي گهر ۾ هڪ ٽنب هوس. اُنهيءَ ٽنب کي پڪڙي قيد ڪرن

(۱۰) گوبند جو گلشن آهه اسانجي پرم منزل. اُتي هلو، اڳتي اڳتي قدم کڻو پيار ۾! ۽ پيار جي پرکيا آهه شيوا.

(۱۱) سچي شيوا ۾ ڦرڦر ناهه! سچي شيوا سانت ۾ آهه. سچو پيار سانت ۾ آهه. پيار، پرم پيار، عشق اسراريءَ جي ٻوڙ ٻوي ٿي سانت ۾.

*

مرڻ وقت سندس چوگرد شش اچي کٺا ٿيا، فقير جن هن کان سکيا ورتي پنهنجي جيون نئين ڪئي. مرڻ وقت ڪيس چون ٿا:- "سائين! هن موڪلاڻيءَ وقت پنهنجي آسيس ڏيو ۽ پنهنجي ڪمل مکه مان ڪي اکر چئو." تڏهن هي پيارو اُنهن فقيرن ڏي نهاري چوڻ ٿو:- اڪيلا هجو يا ماڻهن اڳيان هجو پر هميشه پريو سان سچا رهو!

ٿورو کائو، ٿورو سمهو، ٿورو ڳالهايو!
ڪن ۽ پاپ کان پري رهو!
پاڻ تي، من ۽ اندرين تي، پختا ٿيو!
ڪام، نفس جي وڪارن کان پري ڀڄو!
لوڪن جي نندا صبر ۾ سهو!

(٣) گيان ٻاهرين ڳالهين ۾ ڪونهي. گيان آهه "درشن" "ديدار"، سو تڏهن ملي جڏهن "دل جي اک" کلي!

(٤) هٿ ٻوڳ جي ڪريائن مان ڪجهه نه ٿو وري؛ پاڻ ايمان ٿو اٿي.

(٥) ايمان کي مارڻ لاءِ گلا سهڻ چڱي آهي. گهڻي ساک پاڻ هن راهه ۾ رڪاوٽ آهه.

(٦) ٻي رڪاوٽ آهه "رسم جي زنجير". لوڪن جي ڪنهن رسمن جو نقل ڪرڻ آهه پاڻکي ڪيرائڻ. ٻاهريان ڪريا ڪرم، ٻاهريون پاٺ پوڄائون آهن پردو! پردو وجهي نه روشني چمڪي. رسم پوي ٿئي نه سچ جي سونهن اڀي! جي "رسمن" ۽ ڪريا ڪرمن ۾ آهن ته ستل آهن ننڊ ۾!

(٧) رومي اڪثر چوندو هو ته "مورک مسجد ٺاهيا مڪين ۾ سچو مندر نه ٿا ڀڃن!" پريو ٻاهرين پوڄ، شريعت نه ٿو ڏسي؛ پريو ته دل ٿو پسي!

(٨) پريو کي ڀيٽڻ جو رستو ته آهه پيار، پوتر پيار ۽ پيار جي نشاني آهه حڪم ۾ هلڻ. جو سندس حڪم ۾ ٿو هلي اُنکي ئي پريو ٿو ڀانئي!

(٩) ڌرم جي نالي ۾ تڪرار ٿين ٿا تن کان پري رهو! ٻين جي ڌرمن کي عزت ڏيو! پريو ڏسي ٿو نه سڌانتن جا اکر ۽ ويچار، پر دل جو پيار!

[۱۱]
وڻ جي سکيا

وڻن سان گهڻو پيار اٿم. وديارٿي هوس تہ بہ سڪول ڪاليج کان ٻاهر گهڻو وقت وڻن هيٺ گذاريندو هوس. "وڻ" اکر نڪتو آهي سنسڪرت اکر "ورڪش" مان. انهيءَ معنيٰ "ڍڪڻ". وڻ "ڍڪي" ٿو، ڇانوَ ڏئي ٿو. اسين بہ جيڪر ٻين کي ڍڪيون، ڇانوَ ڏيون! "ورڪ" "ورڪش" اکر نڪتو آهي "ٻرهہ" اکر مان؛ "ٻرهہ" معنيٰ "وڌڻ". "وڻ" وڌي ٿو. اسين بہ جيڪر "وڌون" مالڪ جي مهر ۾! "ورڪ"، ورڪش" اکر هڪ ٻئي اکر مان بہ نڪتو آهي. اهو اکر آهي "ور" معنيٰ "ڏيڻ" "بخشش ڏيڻ"، "ور ڏيڻ". اسين ڇا ٿا ڏيون؟ "وڻ" انسان جي نشاني آهي. "جيون" آهي "وڻ".

"ٻوڌي وڻ" مون ڏٺو ٻڌ گيا ۾. انهيءَ وڻ هيٺ گوتم کي گيان آيو. عجيب وڻ آهي. سندر، وڏو! ٻيو وڻ بہ عجيب آهي. انجو اثر بہ منهنجي جيون تي آهي. اهو وڻ مون ڏٺو جڏهن مان نيورايليا ڀاڙن تي سيلون ۾ ويس. "اشوڪ بن" جي هڪ وڻ هيٺ وڃي ويٺس انهيءَ "اشوڪ بن" ۾ سيتا کي راوڻ قابو ڪري وهاريو ۽ سيتا ويٺي پنهنجي رام لاءِ ورلاپ ڪيا. "اشوڪ بن" ۾ سيتا تپسيا ۽ پوترتا ۽ پرارٿنا ۾ وقت گذاريو. انهن وڻن

موڪن ۽ دشمن جو سنگ تيا ڳيو!
وڏي دل وارن ۽ سچن جو سنگ وڏو!
سين ۾ اُتم سو آهه جو ٻين جو ڀلو تو ڪري،
سڀ ڪان سٺي گفتگو سا آهه جا ٿوري آهه ۽
سچ جي راهه ۾ وٺي ٿي هلي!
پريو آهه هڪ، هڪ ئي هڪ اسرار!
پريوءَ کي پائڻ جو منتر آهه پيار!

*
* *

سنت مالا (ماهوار)

[ساليانو چندو: ٥ رپيا]

واسواڻيءَ جو وشواس آهي تہ، ”آتمڪ آدرش spiritual ideal بنا حياتيءَ جا سوال حل ٿي نٿا سگهن ۽ نہ ڀارت جو اڌار آتمڪ آدرش بنا ٿي سگهندو.“

هو چوي ٿو:- ”هن نئين يگ ۾، نئين زماني ۾، سنت مارگ جي روشني وڌيڪ چمڪندي. هن زماني ۾ دماغ جي چاهنا آهي سائنس (science) واسطي ۽ دل جي پياس آهي پريم واسطي. سنت مارگ ايڪتا محبت، پريم جو پورو جهنڊو جهولي ٿو. سائنس ۽ محبت ٻنهي جو ميلاپ سنت مارگ ۾ آهي.“

ساليانو چندو ٽپال خرچ سميت ٥ رپيا آهي. ”سنت مالا“ ۾ واسواڻيءَ جا وياکيان ڇپيا وڃن ٿا ۽ سنتن، ديش ڀڳتن، رشين ۽ سورمن جي جيون چرتر ۽ ڳاٿي ۽ آتم وديا بابت ڳالهيون هون ٿيون.

شل ”سنت مالا“ جو سنديش گهڻن جي دلين اندر گهڙي وڃي! دنيا ۾ فقط هڪ خزانو آهي. اهو نالو آهي پريم. واسواڻيءَ جو سڀني کي چوڻ آهي تہ ”غريبن جي ٽهل ڪريو تہ ڀارت آباد ٿئي، ڀارت آزاد ٿئي.“

”سنت مالا“ بابت سڀ لکپڙهہ هيٺين ائڊريس تي ڪرڻ گهرجي:-

Manager, "Sant Mala"
Connaught Road, POONA [1] India

Printed by Karamchand N. Dewani at the
Chandan Printing Press, Hansali Tank Lane,
Dadar, Bombay 28,
and published by Gangaram Sajandas
St. Mira's High School, 10 Connaught Road, Poona 1,
Editor and owner:- Shri T. L. Vaswani

جو درشن منهنجي لاءِ تيرٿ هو. اُنهن وڻن جو تيرٿ ڪري مون پاڻ کان پڇيو ته "هڪ هڪ وڻ مونکي ڇا ٿو چوي؟ ڪهڙي سکيا ٿو ڏئي؟" هڪ هڪ وڻ چوي ٿو:-

(١) مان صبر ۾ رهان ٿو. وڻ صبر جي سکيا ڏئي ٿو. ڪئن نه هڪ هڪ وڻ سج ۽ مينهن ۾ بيهي ٿو! ڪابه دانهن نه ٿو ڪري! ڪو پاڻ اسانکي نقصان پهچائي يا رنجائي ته اسين اُن سان ڪئن ٿا هلت ڪريون؟ صبر ۾ هلون ٿا يا نه؟

(٢) مان پاڇي ۾ ٻين کي رکان ٿو. ڪيترن مسافرن، واٽهڙن کي نه وڻ پاڇو، وشرام ڏئي ٿو. اسين جيڪر پاڻ کان سوال پڇون ته "گهڻا آهن جنکي اسين پاڇو ڏيون ٿا؟"

(٣) مان مٿي نهاريان ٿو. هڪ هڪ وڻ مٿي نهاري ٿو، سج جي روشني پيئي ٿو. اسين به جيڪر مٿي نهاريون! (aspire) پر اڪثر اسين هيٺ ٿا نهاريون، ٻين جا اوگڻ پيا ڏسون، ٻين جون خاميون پيا جاچيون، ٻين تي نقطچيني پيا ڪريون! پاڻکي جڏهن اڪيلا سمجهو، جڏهن غمگين ٿيو، دلگير ٿيو، تڏهن مٿي نهاريو! پريو ۽ سندس فرشتا اوهان ڏي پيا نهارين! مٿي نهاريو! ۽ چمڪندڙ تارن جي جوت وٺي پاڻکي ۽ ٻين کي پيئاريو!

(٤) مان مٺو ميوو ڏيان ٿو. جيون جي وڻ جو مٺو ميوو آهه شيوا، دکين جي، غريبن جي خدمت. دنيا ۾ دک آهه. تنهنڪري ٻين کي سکي رکو!

سنت مالا

٥٩١-٥٩٢

جولاءِ ١٩٦٤

ساکي

٥٠ نوان پئسا

واسواڻي